Australian Government
Australian Centre for International Agricultural Research
Australian Aid

Aik Saath ایک ساتھ 'Together'

# مهاڑو يا سامارو

## ايف ايم ڊي (FMD)

## تعارف

ساماڑو يا مهاڑو هڪ وچڙندڙ بيماري آهي جنهن ۾ کر وارا جانور مثلاً ڳئون، مينهن، رڍ ۽ ٻڪري وغيره متاثر ٿين ٿا. هي بيماري کير ۽ گوشت جي وڌيڪ پيداوار حاصل ڪندڙ جانورن ۾ اهم رڪاوٽون پئدا ڪندي آهي.

## نشانيون

هن بيماري ۾ مبتلا جانور هيٺيون نشانيون ظاهر ڪن ٿا. ڳئون ۽ مينهن کان رڍ ۽ ٻڪري ۾ وڌيڪ نشانيون ٿين ٿيون.

- بخار
- ذهني دٻاءُ
- کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيڻ يا بک نہ لڳڻ
- هلڻ گهمڻ ۾ منڊڪائڻ
- وات، منهن، پيرن ۽ ٿڻن تي ڦلوڪڙا نڪرڻ
- جانورن جي منهن مان گگ جو وهڻ
- جانور جو بنا ڪنهن نشاني جي اوچتو مري وڃڻ



## ساماڙي يا مهاڙي واري بيماري ڪيئن پکڙجي ٿي؟

- متاثر جانور جي ساهہ، وات مان نڪرندڙ گگ، کير، پيشاب ۽ نڪ مان نڪرندڙ مواد جي ذريعي هي بيماري پکڙجي ٿي.
- ٻيا جانور بہ هنن سان متاثر ٿي سگهن ٿا جهڙوڪ: متاثر ٿيل جانورن سان سڌو سئون رابطو يا آلودگي وارو کاڌو ۽ پاڻي استعمال ڪرڻ
- آلودگي وارا ڪپڙا، گندا پير، خراب جڳهہ يا پڃرا ۽ گاڏيون
- بغيرڪنهن نشاني ظاهر ڪرڻ کان پهريان جانور ڪيترن ئي ڏينهن تائين متاثرهوندو آهي
- واضح نشانيون ڏسڻ کانپوءِ جانور هفتن يا مهينن تائين بيمار رهي سگهن ٿا.

## ساماڙو جي تشخيص

- ساماڙي يا مهاڙي واري بيماري جو شڪ تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن جانورن، ٻڪرين ، رڍن ۽ مينهن ۾ نشانيون ظاهر ٿين.
- متاثر جانورن جي رت ۽ ڦلوڪڙن جا نمونا بيماري جي تصديق ڪري سگهن ٿا.

LIVESTOCK & DAIRY DEVELOPMENT DEPARTMENT GOVERNMENT OF THE PUNJAB

THE UNIVERSITY OF MELBOURNE — UVAS UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE — حکومت سندھ Government of Sindh — SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM

## جيڪڏهن توهان کي ساماڙي واري بيماري جو شڪ آهي تہ ڇا ڪندا؟

جيڪڏهن توهان جو جانور ساماڙي واري بيماري ۾ مبتلا ٿئي ٿو تہ پوءِ توهان پنهنجي ڳوٺ يا يونين ڪائونسل جي ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر يا سرڪاري مال واري ڊسپينسري اسسٽنٽ سان رابطو ڪندا.

## علاج




- پيرن ۽ وات تي ڦٽن لاءِ جراثيم ڪش جهڙوڪ آئيوڊين، پوٽيشيم پرميگنيٽ، سوڊيم ڪاربونيٽ ۽ گلاسيرين ملائي ڪري لڳايو.
- پڪ ڪيو تہ جانورن کي پاڻي ۽ نرم خوراڪ جي رسائي آساني سان آهي، ۽ انهن کي کارائڻ لاءِ ڪوشش ڪريو
- دوا تي لکيل هدايتن مطابق 5 ڏينهن  تائين ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو اينٽي بايوٽيڪٽس جهڙوڪ پينسيلن يا آڪسائيٽيٽراسائڪلين سان علاج ڪريو.

## انفيڪشن تي ضابطو / صفائي




- ساماڙي واري بيماري مان متاثر ٿيل جانورن کي صحتمند جانورن سان رابطي ۾ نہ اچڻ ڏيو.
- آخري ڏينهن تائين متاثر جانورن جي ڪاڌ خوراڪ ۽ علاج جو خيال ڪريو.
- صحتمند جانورن کي هٿ لڳائڻ کان اڳ هٿ ، لباس ۽ پيرن کي ڍڪيو ۽ گرم پاڻي جي استعمال يا ڊس انفيڪٽنٽ جهڙوڪ سٽرڪ ايسڊ سان انفيڪشن کان پاڻ کي بچايو وڃي.
- متاثر ٿيل جانورن کي منتقل يا وڪرو نہ ڪيو وڃي.

## احتياط

- ساماڙي واري بيماري ۾ متاثر ٿيل جانور کي پهريان  ٽڪو لڳائي بيماري  کي روڪڻ گهرجي.
- جانورن کي ترجيحي طور1 مهيني جي دوران  گهٽ ۾ گهٽ 2 وزن ويڪسين هڻڻ گهرجن.
- هڪ ٽڪو جانورن کي انفيڪشن جي خلاف 6 مهينن تائين بچائيندو آهي.

Australian Government
Australian Centre for International Agricultural Research
Australian Aid
Aik Saath
ايک ساتھ
'Together'
THE UNIVERSITY OF MELBOURNE
UVAS
UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE
LIVESTOCK & DAIRY DEVELOPMENT DEPARTMENT
GOVERNMENT OF THE PUNJAB
حکومت سندھ
Government of Sindh
SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM